ربیع الآخر/جمادی الاول1445ھ/نومبر2023ء

# ماہوار فیضانِ مدینہ



دعوتِ اسلامی

ویب ایڈیشن



# دَارُالْاِفْتَاء اَهْلِسُنَّت

مفتي محمد هاشم خان عطاري مدني

**(1) ستر مائرن کان بہ وڌيڪ محبت؟**

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ هڪ جملو عوام جي واتان گهڻو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي تہ ”الله پاڪ پنهنجي ٻانهي کان ستر مائرن کان بہ وڌيڪ محبت ڪندو آهي.“

(1) ڇا هي جملو ڪنهن حديث پاڪ ۾ آيو آهي؟ يا ماڻهن جي زبان تي رڳو ايئن ئي مشهور ٿي ويو آهي؟

**(2) هن جملي کي بغير حديث چوڻ جي بيان ڪرڻ جائز آهي يا نہ؟**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَ الصَّوَابِ

(1) سوال ۾ بيان ڪيل جملو ڪافي ڳولها جي باوجود ڪنهن حديث شريف ۾ نہ ملي سگهيو، هي جملو بنا ڪنهن سند جي عوام جي زبان تي مشهور ٿي ويو آهي، لهٰذا جيستائين ڪو مستند حوالو نہ ملي ان کي بطور حديث بيان نہ ڪيو وڃي. بيشڪ الله پاڪ ارحم الراحِمين آهي هو پنهنجي ٻانهن تي فضل و ڪرم فرمائيندو آهي ان جي رحمت ۽ پنهنجي ٻانهن کان محبت کي بيان ڪرڻ جي لاءِ انهيءَ جملي کي بيان ڪرڻ تہ ضروري ناهي، بيشمار آيتن ۽ حديثن ۾ الله پاڪ جي رحمت ۽ پنهنجي ٻانهن کان محبت فرمائڻ جو ذڪر آهي، اسان کي اهي آيتون ۽ حديثون بيان ڪرڻ گهرجن.

اهڙيون ڪوڙ حديثون حديثن جي ڪتابن ۾ موجود آهن جن ۾ الله تعالي جي پنهنجي ٻانهن تي رحمت ۽ مهرباني کي بيان ڪيو ويو آهي، اسان کي گهرجي تہ هنن حديثن کي بيان ڪيون ۽ جن روايتن کي بيان ڪرڻ کان عالم سڳورا منع ڪن انهن کي بيان ڪرڻ کان رڪجي وڃون.

(2) هن جملي کي بنا حديث چوڻ جي ڪثرتِ محبت طور بيان ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي جو ستر (70) ڪثرت جو عدد آهي، عام محاورن ۾ هي عدد ڪنهن شيءِ جي زيادتي ۽ ڪثرت کي بيان ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. پر اهڙي طرح بيان ڪندي بہ ان جي

وضاحت ڪري ڇڏڻ گهرجي تہ هي حديث شريف ناهي، جوتہ عام ماڻهو ان ڪي حديث شريف سمجهندا آهن ۽ پوءِ حديث چئي ڪري اڳتي بيان ڪندا آهن.

فرهنگ آصفيہ ۾ آهي: 70 ڪثرت جو عدد آهي. سيڪڙو، ويهارو وغيره

(فرہنگِ آصفیہ، جلد02، صفحہ 32،مطبوعہ لاہور)

**آن لائن اردو ڊڪشنري ريختہ ۾ (70) جي هڪ معنيٰ هي بيان ڪئي وئي آهي: ”ڪثرت جي اظهار جي لاءِ، تمام گهڻو، هزارين“**

[https://www.rekhtadictionary.com/meaning-of-sattar?lang=ur](https://www.rekhtadictionary.com/meaning-of-sattar?lang=ur)

هن معنيٰ جي اعتبار سان هن جملي (الله تعالي ستر مائرن ڪان بہ وڌيڪ پنهنجي ٻانهي ڪان محبت فرمائيندو آهي) جي معنيٰ هيءَ ٿيندي تہ الله تبارڪ وتعالي پنهنجي ٻانهي ڪان تمام گهڻي محبت فرمائي ٿو.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## (2) ٻلور ڪيڏڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ ٻار ۽ ڪجھ نوجوان پاڙي جي گهٽين ۾ ٻلُور راند ڪيڏيندا آهن. ٻلور ڪيڏڻ جون مختلف صورتون آهن جن مان ٻہ صورتون درج ذيل آهن:

(1) هڪ ڇوڪرو پنهنجي هٿ ۾ ٻلور رکي مُٺ بند ڪري ٻئي ڪان پڇندو آهي تہ ٻڌاءِ اِڪي آهي يا ٻَڌي؟ جيڪڏهن هُو صحيح جواب ڏي تہ پڇڻ وارو هٿ ۾ موجود سيئي ٻِلُور ان ڪي ڏئي ڇڏيندو آهي، ۽ جيڪڏهن غلط ٻڌائي تہ ٻڌائڻ واري ڪي اوترا ٻِلور ڏيڻا پوندا آهن.

(2) هڪ ڇوڪرو ٻلور جي ذريعي ٻئي ڇوڪري جي ٻلور ڪي نشانو ڇُنيندو آهي، جيڪڏهن نشانو صحيح لڳي وڃي تہ هُو ٻي ڇوڪري ڪان طئي ٿيل ٻِلُور وٺندو آهي، ۽ ٻنهي صورتن ۾ هڪ وقت ايندو آهي جو هڪ هارجي خالي ٿي ويندو آهي ۽ ٻئي وٽ گٽڻ سبب ٻِلور ٻيڻا ٿي ويندا آهن. ڇا هي ٻئي صورتون جوا ۾ شامل هجڻ ڪري ناجائز آهن يا نہ؟

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِکِ الْوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**سوال ۾ بيان ڪيل ٻِلُور ڪيڏڻ جون ٻئي صورتون جُوا ۾ شامل ۽ ناجائز و حرام آهن. تفصيل هي آهي تہ:**

**قرآن مجيد** ۾ مَيسِر ڪي حرام فرمايو ويو آهي ۽ مفسرن، محدثن، حديث جي شارحن، فقهاءِ ڪرام سيني هر قسم جي جوا ڪي مَيسِر ۾ شامل ڪيو آهي سُو جوا قرآني نص

سان ناجائز ۽ حرام ٿي. ۽ راندين ۾ جواء جي صورت اها هوندي آهي ته کٽڻ واري شخص جي لاءِ هارڻ واري شخص کان ڪجھ وٺڻ جي شرط لڳائي ويندي آهي ۽ انهي ناجائز و حرام جوا ۾ عالمن سڳورن ٻارن جي اَخروٽ واري راند به شامل ڪئي آهي. صحابه ۽ تابعين رضی اللہ عنہم جي زماني ۾ ۽ هاڻ به ڪجھ هنڌن تي اَخروٽ جي راند ڪيڏي ويندي آهي ۽ هيءَ ٻِلُورن واري راند اَخروٽن جي راند جيان آهي. پهريان جڏهن ٻِلُور نه هئا ته اخروٽ سان راند ڪيڏي ويندي هئي ۽ هاڻي ٻِلُورن سان ڪيڏي وڃي ٿي، ته جيڪو حڪم اَخروٽن جي راند جو آهي اهو ئي حڪم ٻِلُورن جي راند جو ٿيندو لهٰذا جهڙي طرح اَخروٽن جي راند جوا ۽ ناجائز و حرام آهي ايئن ئي ٻلورن جي راند به جوا ۽ ناجائزو حرام آهي جڏهن ته کٽڻ واري جي لاءِ هارڻ واري کان ڪجھ وٺڻ جي شرط لڳائي وڃي ۽ سوال ۾ بيان ڪيل ٻنهي صورتن ۾ اها ئي خرابي آهي جو کٽڻ واري جي لاءِ هارڻ واري کان ٻلور وٺڻ جي شرط لڳائي ويندي آهي. لهٰذا سوال ۾ ذڪر ڪيل ٻلور ڪيڏڻ جون ٻئي صورتون جوا ۽ ناجائز و حرام آهن. مسلمانن تي فرض آهي ته پاڻ کي ۽ پنهنجي اولاد کي هن حرام ڪم کان بچائين.

## هڪ شبهو ۽ ان جو ازالو

هن جواب تي شايد هڪ شبهو اهو وارد ٿي سگهي ٿو ته اَخروٽ ته واضح طور تي مال آهي جڏهن ته ٻِلورن جو مال هجڻ واضح ناهي ته پوءِ ان جي ڏيڻ وٺڻ جي شرط جوا ڪيئن ٻڻجي ويندي؟ ان جو سڌو سنئون جواب اهو آهي ته جيئن اخروٽ مال آهي ايئن ئي ٻلور به مال آهي ڇوته ٻلور شيشي مان ٺهي ٿو ۽ شيشو واضح طور تي مال آهي ۽ ٻلور جو راندو روند جي لاءِ هجڻ ان کي مال هجڻ کان خارج نٿو ڪري نه ته اَخروٽ به مال نه رهندو ۽ فقهاءِ ڪرام ڳئونءَ، ڏاند، هاٿي، گهوڙي ۽ ان کان علاوه ٻين رانديڪن جي متعلق جيڪو اهو لکيو آهي ته جيڪڏهن ڪو ان کي ٽوڙيندو ته ان تي تاوان ناهي انڪري جو ان جي ڪا قيمت ناهي اُتي رانديڪن جي تخصيص فرمائي ته اُهي مٽي جا هجن ته هيءُ حڪم آهي ۽ جيڪڏهن ڪاٺ يا ڪنهن ڌات جا هجن ته انهن کي ٽوڙڻ سان ڪاٺ ۽ ڌات جي ٽوڙڻ واري تي تاوان ايندو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



مفتي محمد هاشم خان عطاري مدني

# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

**(1) عمري جي ادائيگي کان بعد ٻيهر ماهواري جو اثر ظاهري ٿي وڃي ته؟**

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته هڪ عورت جي حيض جو عرصو ست ڏينهن هيو اها احرام پائي سفر تي رواني ٿي وئي پنهنجي عادت جي مطابق ستين ڏينهن غسل ڪري عمرو ادا ڪيو جنهن وقت غسل ڪيو ان وقت پاڪائي جو يقين هيو پوءِ عمري جي ادائيگي جي ٿوري دير کان بعد ٻيهر ماهواري جو اثر ظاهر ٿيو جيڪو هڪ ڏينهن رات ڳاڙهاڻ نما هيو ۽ هڪ ڏينهن مٽيالو ۽ وري ڏهين ڏينهن صبح ئي جو اڇو ٿي ويو انهن ڏهاڙن ۾ ان انفيڪشن جي دوا به کاڌي هئي ته شايد انهيءَ جي ڪري مڪمل پاڪائي آئي هاڻي ان جي هن عمري جو جيڪو ادا ڪيائين، ڪهڙو حڪم آهي ۽ نمازن جي باري ۾ ارشاد فرمايو؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

ماهواري جو عرصو ڏهه ڏينهن کان گهٽ هجي مثلاً ست ڏينهن ۽ عادت جي مطابق هي رت اچڻ بند ٿي ويو پوءِ جيڪڏهن اٺين ڏينهن وري رت شروع ٿيو ۽ ڏهه ڏينهن پورا ٿيڻ کان پهريان يا 10 ڏينهن جي مڪمل ٿيڻ تي ختم ٿي ويو ته هي تمام ڏينهن ماهواريءَ ۾ شمار ڪيا ويندا. ۽ جيڪو عمرو ادا ٿيو اهو ناپاڪي جي حالت ۾ ٿيو. سفيد (اڇي) رطوبت ماهواري ۾ شمار ناهي ٿيندي جڏهن ته مٽيالي رنگ واري رطوبت ماهواري ۾ شمار ٿيندي آهي. ماهواري جي حالت ۾ نماز معاف آهي. لهٰذا سوال ۾ پڇيل صورت جي حوالي سان حڪم اهو آهي ته طواف ورائي ڪرڻ لازم ٿيندو جيستائين مڪي شريف ۾ آهي، ورائي طواف نه ڪرڻ جي صورت ۾ دم ڏيڻو پوندو، ڇوته طهارت طواف ۾ واجب آهي ۽ سعي ۾ طهارت مستحب آهي. ان کي گهرجي ته طواف سان گڏسعي جو به اعادو ڪري.

وَاللهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

**(2) حمل ضايع ٿيڻ کان بعد اچڻ واري رت جو حڪم؟**

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ زيد جي گهر واري جي ٻن مهينن جو حمل ضايع ٿي ويو ۽ ٻن ڏينهن تائين رت هلندو رهيو ان کان بعد بيهي ويو تہ هتي پڇڻو اهو آهي تہ زيد جي گهر واري جو ٻار ضايع ٿيڻ جي صورت ۾ جيڪو ٻن ڏينهن تائين رت ايندو رهيو اهو نفاس جو رت شمار ٿيندو يا ماهواري جو؟ پڻ انهن ڏينهن جي نمازن جو ڇا حڪم آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل مسئلي ۾ حمل ضايع ٿيڻ کان بعد ٻن ڏينهن تائين رت ايندو رهيو اهو استحاضہ جو رت شمار ٿيندو ۽ انهن ڏينهن جون نمازون جيڪڏهن ناهن پڙهيون تہ قضا پڙهڻ لازم ٿينديون.

مسئلي جي تفصيل: شرعي قانون جي مطابق جيڪڏهن عورت جو حمل 120 ڏينهن کان پهريان ڪِري پئي تہ جيڪڏهن معلوم آهي تہ حمل جو ڪو عضوو جيئن آڱر يا ننهن يا وار وغيره ٺهجي چڪا هئا، ان کان بعد حمل ضايع ٿيو، تہ اچڻ وارو رت نفاس آهي، عورت نفاس جي احڪام تي عمل ڪندي، ڇوتہ عضوا 4 مهينا پهريان ٺهجڻ شروع ٿي ويندا آهن جڏهن تہ روح چار مهينا مڪمل ٿيڻ تي ڦوڪي ويندي آهي ۽ عضوا ٺهجي وڃڻ کان بعد حمل ضايع ٿي وڃڻ جي صورت ۾ اچڻ وارو رت نفاس جو هوندو آهي. البتہ حمل چار مهينا يعني 120 ڏينهن کان پهريان ضايع ٿي وڃڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن معلوم نہ ٿئي تہ ان جو ڪو عضوو ٺهيو هو يانہ يا معلوم ٿي وڃي تہ ڪوبہ عضوو نہ ٺهيو هيو، تہ اچڻ وارو رت نفاس جو رت نہ ٿيندو. ان صورت ۾ رت جيڪڏهن گهٽ مان گهٽ ٽي ڏينهن يعني 72 ڪلاڪن تائين جاري رهيو ۽ ان رت جي اچڻ کان پهريان عورت پندرهن ڏينهن پاڪ رهي چڪي هئي، تہ هي رت ماهواري جو ٿيندو ۽ هن صورت ۾ عورت حيض جي احڪام تي عمل ڪندي ۽ جيڪڏهن ٽن ڏينهن راتين کان پهريان ئي رت بند ٿي ويو يا بند تہ ٿيو پر ان رت جي اچڻ کان پهريان عورت پندرهن ڏينهن پاڪ نہ رهي هئي تہ هي رت استحاضہ جو يعني بيماري جو ٿيندو، هن صورت ۾ عورت استحاضہ جي احڪام تي عمل ڪندي. لهٰذا پڇيل صورت ۾ جڏهن 120 ڏينهن کان پهريان ٻہ مهينا اڳ ئي حمل ضايع ٿي ويو هيو ۽ ان کان بعد جيڪو رت آيو اهو بہ ٻن ڏينهن کان پوءِ بند ٿي ويو هيو تہ اصول جي مطابق اهو استحاضي جو رت شمار ٿيندو ۽ استحاضہ جي حالت ۾ نماز ۽ روزي جي مُعافي ناهي سو زيد جي گهر واريءَ جيڪڏهن انهن ڏينهن جون نمازون ناهن پڙهيون تہ انهن جي قضا پڙهڻ لازم آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلی اللہ علیہ والہٖ وسلّم



مؤلف: اويس يامين عطاري

ننڍي ڄمار وارا اصحابي سڳورا

# حضرت عبدالله بن زُبير رضی اللہ عنہما

**حضراتِ گرامي!** سلسلي ” ننڍي ڄمار وارا صحابي سڳورا“ مان هن ڀيري اسان حضرت عبدالله بن زُبير رضی اللہ عنہما جي ننڍپڻ جي باري ۾ پڙهنداسين.

## مختصر تعارف:

پاڻ رضی اللہ عنہ زبير بن عوام ۽ حضرت اسماء جا صاحبزاده، حضرت بيبي عائشه جا ڀاڻيجا، حضرت ابوبڪر صديق جا ڏوهٽا، حضرت خديجه جا ڀائٽيا ۽ حضرت صفيه جا پوٽا آهن. پاڻ رضی اللہ عنہ شوال 2 هجري ۾ مدينه منوره ۾ قبا جي مقام تي پيدا ٿيا. هجرت کان بعد مهاجر صحابه مان سيني کان پهريان پاڻ رضی اللہ عنہ ئي پيدا ٿيا.[1]

## ولادت کان بعد ڪرم نوازي:

حضرت اسماء رضی اللہ عنہا پاڻ رضی اللہ عنہ کي رسول اڪرم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم وٽ ڪٺي آيون ۽ ڪيس حضور اڪرم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جي هنج ۾ رکيائين، نبي پاڪ صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم کجور گهرائي ان کي چٻاڙي سندس وات ۾ وڌي، ائين پاڻ رضی اللہ عنہ جي پيٽ ۾ سڀ کان پهريان حضور اڪرم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جو لعاب مبارڪ پهتو، پوءِ سرڪار مدينه صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم ڪيس کجور سان گهٽي(سُتي) ڏني ۽ برڪت جي دُعا سان نوازيو.[2]

## حضور پاڪ صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم نالو رکيو

نبي ڪريم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم مٿس شفقت جو هٿ ڦيريو ۽ سندن نالو عبدالله رکيو.[3] پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته اسان به پنهنجي نوَن ڄاول ٻارن کي بزرگن جي خدمت ۾ آڻيون ۽ انهن کان گهٽي(سُتي) ڏياريون، انهن کي برڪت جي دعا جو عرض ڪيون ۽ انهن کان نالو به رکرايون اِنْ شَآءَالله الکریم برڪتون ملنديون.

## ست سال جي عُمر ۾ بيعت:

پاڻ رضی اللہ عنہ ۽ حضرت عبدالله بن جعفر رضی اللہ عنہما ستن سالن جي عُمر ۾ نبيّ ڪريم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم وٽ آيا، پاڻ ڪريم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم انهن

ٻنهي کي ڏسي مرڪيا ۽ پنهنجو هٿ مبارڪ اڳتي وڌايو ته انهن ٻنهي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي هٿ تي بيعت ڪئي.[4] روايتن جو تعداد: پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان 33 روايتون مروي آهن.[5]

## مسجد حرام ۾ نماز پڙهڻ جي فضيلت:

هڪ روايت ۾ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا ته پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مسجدِ حرام کان علاوه منهنجي هن مسجد ۾ هڪ نماز پڙهڻ ٻين تمام مسجدن کان 1 هزار ڀيرا افضل آهي، ۽ مسجدِ حرام ۾ هڪ نماز پڙهڻ منهنجي هن مسجد کان سؤ ڀيرا وڌيڪ (يعني هڪ لک) درجا افضل آهي.[6]

**وصال:** رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي وصال ظاهري جي وقت سندن 9 سال جا هئا،[7] پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ 71 سال جي عمر ۾ 17 جمادي الاوليٰ 73 هه ۾ جام شهادت ماڻي.[8]

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم

(1)بخاری، 236/3، رقم:4665-الاستیعاب فی معرفۃ الاصحاب، 39/3، 40- زرقانی علی المواھب، 356/2(2) بخاری، 595/2، حدیث:3909 (3)الاصابۃ فی تمییز الصحابۃ، 80/4-مستدرک، 708/4، حدیث: 6383 (4)معجم کبیر، 51/13، حدیث: 180 (5)تھذیب الاسمآء واللغات، 252/1 (6)مسند احمد، 452/5، حدیث: 16117مفھوما (7)الاصابۃ فی تمییز الصحابۃ، 80/4 (8)طبقاتِ ابنِ سعد، 201/8۔



# انجام کان باخبر

مولانا حيدر علي مدني عطّاري

ادا صهيب هاڻي هلي به وٺو پنهنجي واري، خبيب بيزاري ظاهر ڪندي چيو ۽ وري ڏاڏي سائين ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو: ادا صهيب جيتري دير هڪ لفظ سوچڻ ۾ لڳائي ٿو ايتري دير ۾ ته انسان پورو شهر گهمي ڦري اچي. خبيب جي ڳالهه تي سندس ڏاڏي مسڪرائيندي چيو: صهيب پٽ جيتري دير سوچڻ ۾ لڳائي ٿو تڏهن ته سندس هڪ لفظ جا نمبر اوهان جي ٽن چئن لفظن جي نمبرن تي ڀاري پئجي وڃن ٿا.

اصل ۾ هن ڀيري چاچا سائين شاندار مارڪون حاصل ڪرڻ تي جيڪو گفٽ جو وعدو ڪيو هو اهو ڪجهه ڏينهن پهريان ئي پورو ٿيو هو ته جڏهن ٻئي ڀائر اسڪول کان واپس گهر پهتا ته سندن والده هڪ پارسل ڏيندي چيو: پٽ هيءُ پارسل اڄ پوسٽ مين ڏئي ويو آهي، توهان جي چاچي گفٽ موڪلي آهي.

امڙ سائڻ! اوهان ئي پنهنجي مبارڪ هٿن سان کوليو، ٻنهي ڀائرن جواب ڏنو.

سندن والده Cover (ڪَور) لاٿو ته اندران اسڪربل گيم (Scrable game) جو باڪس نڪتو ٻنهي ڀائرن کي ياد آيو ته هڪ ڀيري بابا سائين هن گيم جي باري ۾ اسان کي ٻڌايو هو ته اُن ۾ ننڍن ننڍن بلاڪن تي انگريزي الفابيٽ لکيل هوندا آهن، هرڪنهن کي پنهنجي حصي ۾ اچڻ واري بلاڪن مان ڪو انگريزي لفظ ٺاهڻو هوندو آهي، English vocablery وڌائڻ جي لاءِ اها هڪ زبردست راند هئي، باڪس ڏسي ڪري ٻئي ڀائر ڏاڍو خوش ٿيا.

ٻنهي ڀائرن والد محترم سان گڏ هڪ ٻه

پيرا اها گيم کيڏي تہ هُو چڱي طرح سان سمجهي ويا، اَڄ بابا سائين کي ڪو ڪم هيو تنهنڪري ٻئي ڀائر ڏاڏي سائين سان گڏجي اها گيم کيڏڻ لڳا سو هاڻي تہ گيم صهيب جي واريءَ تي بيهي رهي، اوهان اڃا تائين پوئين واريءَ تي بيٺا آهيو جڏهن تہ مون ايندڙ لفظ بہ سوچي ورتو آهي، اوهان کي خبر آهي مون ڪهڙو لفظ سوچيو آهي؟ خبيب وڏي ڀاءُ صهيب کان طنزيہ طور پڇيو:

صهيب: مان ڀلا تنهنجي سوچ کي ڪيئن ٿو ڄاڻي سگهان. انهيءَ مقابلي بازي ۾ گيم ختم ٿي تہ ڏاڏي سائين چيو: اڃا ٻارو ٻڌايو تہ اڄ توهان ڪيترن انگريزي لفظن جي مشق ڪئي؟

خبيب جلدي مان جواب ڏنو: ڏاڏا سائين 15 منهنجا ۽ شايد پنج لفظ صهيب جا هوندا، ڪُل ملائي ڪري اسان 20 لفظن جي مشق ڪئي آهي.

سندن ڏاڏي چيو: هلو ٻارو هاڻي بورڊ ڪٺي ڪري ساڳي هنڌ رکو پوءِ نماز عصر جي تياري ڪيون ٿا.

خبيب: ڏاڏا جان اڃا تہ عصر جي نماز ۾ گهڻو وقت پيو آهي.

جي بلڪل پٽ! ڏاڏا سائين تيستائين ڪو معجزو ئي ٻڌايو، اڄ صهيب ڀاءُ جو ساٿ ڏيندي چيو.

سندن ڏاڏي معجزو ٻڌائڻ شروع ڪيو: پٽ اسان جا پيارا نبي محمد عربيﷺ گجهيون ڳالهيون بہ ڄاڻندا هئا، سُو اڄ اسان انهيءَ حوالي سان نبي پاڪ ﷺ جو معجزو ٻڌون ٿا، پر پهريان هڪ سوال جو جواب ڏيو تہ منافق ڪنهن کي چئبو آهي؟ ڏاڏي سائين جي سوال تي ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن سواليہ نظرن سان ڏٺو ۽ پوءِ خبيب چيو: ڏاڏا سائين اوهان ئي ٻڌايو تہ منافق ڪنهن کي چوندا آهن؟

ڏاڏي سائين چيو: پٽ! منافق اهو هوندو آهي جيڪو زبان سان تہ اسلام جي دعوا ڪندو هجي پر دل ۾ ڪفر لڪايل هجي. اسان جي پياري نبي ڪريم ﷺ جي زماني ۾ ڪجھ ماڻهو اهڙا بہ هئا جيڪي سچي مسلمانن سان ملي جلي رهندا هئا پر الله پاڪ جي عطا سان اسان جا نبي پاڪ ﷺ کين سڃاڻي وٺندا هئا.

هڪ ڀيري غزوه خيبر جي موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ ايئن ئي هڪ منافق جي باري ۾ فرمايو: هي دوزخ وارن مان آهي. جنگ شروع ٿي تہ اهو شخص نهايت ڦڙتي سان وڙهيو ۽ تمام گهڻا زخم بہ کاڌائين پوءِ بہ ثابت قدم رهيو، هڪ شخص عرض ڪيو: يارسول الله ﷺ! ڏسو اهو شخص ڪيئن ڦڙتي سان وڙهي رهيو آهي. ارشاد

فرمايائون: اهو دوزخ وارن مان آهي.

ويجهو هو جو ڪجھ ماڻهو شڪ ۾ پئجي وڃن ها(تہ ايتري دليري سان وڙهڻ وارو شخص دوزخ ۾ ڪيئن ٿو وڃي سگهي) انهيءَ دوران درد ۽ تڪليف ان شخص لاءِ ناقابل برداشت ٿي وئي ۽ ان خودڪشي ڪري ڇڏي، ماڻهن بارگاه رسالت ۾ عرض ڪيو: الله پاڪ اوهان جي ڳالھ سچ ڪري ڏيکاري. رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت بلال رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ کي فرمايو: اٿو ۽ ماڻهن ۾ اعلان ڪيو! جنت ۾ صرف مومن ئي داخل ٿيندا ۽ الله پاڪ هن دين جي تائيد نافرمان شخص کان بہ ڪرائي ڇڏيندو آهي. (بخاری، 273/4، حديث:6606)

پيارا ٻارو! ڪنهن خاص شخص جو جنتي يا جهنمي هجڻ يقيناً هڪ ڳجهي ڳالھ آهي جنهن کي اسان نٿا سڃاڻي سگهون پر الله پاڪ جي عطا سان اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان جو علم بہ هيو ۽ پنهنجي اصحابن سان علم شيئر بہ ڪندا هئا، انهيءَ ڪري تہ اسان چوندا آهيون، غيب ڄاڻڻ واري جي آمد! ٻنهي پاسن وڏي آواز سان چيو: مرحبا.



# اسلام جي روشن تعليمات

**موضوع: ٻُڌل ڳالهيون ڦهلائڻ جو نقصان/تصديق ڪرڻ بغير ڳالهيون ڦهلائڻ جو نقصان**

**مُحمد اُحد رضا عطاري مدني**

استاد ڪلاس ۾ داخل ٿيندي ئي هڪ پرچي تي اها خبر لکي تہ” راولپنڊي ۾ ٻن گروپن جي وچ ۾ جهيڙو، ٻنهي پاسي لنيون، گوليون هليون جنهن جي نتيجي ۾ ٽي ماڻهو فوت جڏهن تہ چار زخمي ٿي پيا، اها پرچي پنهنجي پرسا وينل شاگرن کي ڏيکاريندي چيو: هاڻي اوهان مان هرشخص هن ڳالهہ کي ٻئي جي ڪن ۾ ٻڌائي، جڏهن سيني کان آخر ۾ وينل شاگرد تائين هي سلسلو مڪمل ٿيو تہ هاڻي استاد اُن آخري شاگرد کي ڪن ۾ ٻڌايل خبر وڏي آواز سان بيان ڪرڻ جو چيو تہ ان ڪجھ هيئن اطلاع ڏني: ”پنڊي ۾ جهيڙو ٿيو جنهن ۾ 8 ماڻهو قتل جڏهن تہ ٽي ماڻهو زخمي ٿي پيا...“

ٻڌائڻ ۾ تہ هي هڪ واقعو آهي پر هن ۾ سکڻ جون ڪوڙ ساريون ڳالهيون موجود آهن. شايد ڪڏهن اسان سان بہ ايئن ٿيو هجي تہ ڪا خطرناڪ، دل ڏاريندڙ خبر اسان تائين پهتي هجي جيڪا بعد ۾ ڪوڙي ۽ فيڪ ثابت ٿي هجي يا حقيقت ۾ معاملو ڪجھ ٻيو هيو پر مٿي بيان ڪيل عملي ڪهاڻي جيان ڦهلجي ويو ۽ گهڻ وڌائي جو شڪار ٿي ويو. پر ياد رکو! خبر ڦهلجڻ ڪان وني ڪوڙي ثابت ٿيڻ تائين ڪيترائي نقصانڪار ۽ خوفناڪ نتيجا متوقع آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي جعلي خبرون ڪنهن سچي ڏکوئيندڙ خبرن جو سبب ٻڻجي سگهن ٿيون. معاشري ۾ ڦهلجندڙ ڪوڙيون ڳالهيون جن جو حقيقت ڪان ڪوبہ واسطو ناهي هوندو افراتفري، جهيڙي ۽ فسادن سان گڏ ذهني سڪون کي بہ متاثر ڪنديون آهن ۽ ان سان گڏو گڏ خوامخواه جا فضول تبصرا

ماحول کي ويتر خوفناڪ بڻائي ڇڏيندا آهن، معاشي (ڏيڻ وٺڻ جي متعلق) سرگرميون ۽ نظامِ زندگي به ان جي سبب متاثر ٿيندا آهن. اهڙي طرح مذاق واريون ڪوڙيون خبرون به ڪڏهن ڪڏهن وڏي نقصان جو سبب بڻجن ٿيون جيئن ته پهرين اَپريل تي اپريل فول جي نالي سان هر سال مختلف واقعا ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن.

بهرحال انهن سيني نقصانن ۽ ذهني ماخُولياتي مونجهارن کان بچڻ جي لاءِ عقل جي تقاضا آهي ته اهڙين سنسني خيز ۽ دهشت پکيڙيندڙ خبرن تي انڌو اعتماد نه ڪيو وڃي ۽ نه ئي انهن کي اڳتي ڦهلايو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي اڳتي ٻڌائڻ ضروري هجي ته پهريان معلوماتي ذريعن کي ڏٺو وڃي ته اهي ڪيتري حد تائين ڀروسي جي لائق آهن.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان جو دين اسلام انهن ئي سيني ڳالهين جي تعليم ڏي ٿو جيئن ته ارشاد خداوندي آهي: يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْۤا اَنْ تُصِيْبُوْا قَوْمًۢا بِجَهَالَةٍ فَتُصْبِحُوْا عَلٰى مَا فَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ

**ترجموڪنزالعرفان:** اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن ڪو فاسق توهان وٽ ڪا خبر آڻي ته جاچ ڪيو جو ڪٿي ڪنهن قوم کي بي خبري ۾ تڪليف نه ڏئي ويهو پوءِ پنهنجي ڪيل تي شرمنده ٿيڻو پوي. (سورة حجرٰت 6)

سُبحٰن الله! دين اسلام جي ڪيتري نه پياري تعليمات آهي جو اسلام انهن ڪمن کان پاسو ڪرڻ جو حڪم ڏي ٿو جيڪي معاشرتي اَمن جي خاتمي جو سبب بڻجن ۽ انهن ڪمن جو حڪم ڏي ٿو جن سان معاشرو امن ۽ ڀائيچاري جو گهوارو بڻجي سگهي.

ان ڪري انسان کي گهرجي ته گهر، گهٽي ۽ بازار ۾ ڳالهه جي تصديق کان سواءِ ڪوبه اهڙو قدم نه کڻي، جنهن سان ڪيس اڳتي هلي پريشاني جو منهن ڏسڻو پوي. اهڙي طرح اسان کي حديث شريف ۾ به ان جي متعلق خبردار ڪيو ويو آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ڪنهن انسان جي ڪوڙي هجڻ لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي جو هُو هر ٻڌل ڳالهه اڳتي بيان ڪري.

(مسلم، ص 17، حديث: 7)

اهڙي طرح شيطان به انساني روپ ۾ اچي ڪوڙيون خبرون ڦهلائيندو آهي. جيئن ته حضرت عبدالله بن مَسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: شيطان انسان جو روپ اختيار ڪري ماڻهن وٽ ايندو آهي ۽ انهن کي ڪوڙي خبر ڏيندو آهي. ماڻهو جڏهن ٽڙي پکڙجي ويندا آهن ته انهن مان ڪو چوندو آهي ته مون هڪ شخص کان ٻڌو جنهن جي مان شڪل سڃاڻان ٿو پر اها خبر ناهي ته ان جو

نالو چا آهي، اهو هيئن پيو چئي“

(مسلم، ص 18، حديث: 17)

**مفتي احمديارخان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ذکر ڪيل روايت جي هن حصي” انهن کي ڪنهن ڪوڙي ڳالهه جي خبر ڏيندو آهي“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: ” ڪنهن واقعي جي ڪوڙي خبر يا ڪنهن مسلمان تي تهمت يا فساد ۽ شرارت جي خبر جنهن جي ڪابه حقيقت نه هجي.“ پاڻ هن روايت جي حوالي سان وڌيڪ فرمائن ٿا: حديث بلڪل ظاهري معنيٰ تي آهي، ڪنهن تاويل جي ضرورت ناهي، هي ڪيئي ڀيرا تجربو ٿيو آهي. جيئن ته رمضان جي ستاويهين تاريخ تي جمعي جي ڏينهن يعني 14 آگسٽ سنه 47ع تي پاڪستان نهيو عيدالفطر جي ڏينهن نمازِعيد جي وقت تمام شهرن ۾ اها خبر پکڙجي وئي ته سِک هٿيارن سان هن بستي تي حملو ڪرڻ وارا آهن ويجهو اچي چڪا آهن هر گهر، هر پاڙي گهٽي ۾ شور مچي ويو ماڻهو تياريون ڪري نڪري آيا حالانڪ ڳالهه غلط هئي، هر جڳهه ماڻهن چيو ته هاڻي هاڻي هڪ ماڻهو چئي ويو آهي خبر ناهي ڪير هيو پوءِ جيڪو فساد شروع ٿيو اهو سيني ڏٺو خدا جي پناهه! ان جو ظهور ٿيندو رهندو آهي شيطان لڪي ڪري به دلين ۾ وسوسا وجهندو رهندو آهي ۽ ظاهر ٿي ڪري انساني شڪل ۾ نمودار ٿي ڪري به لهٰذا هر خبر بنا تحقيق جي ڦهلائڻ نه گهرجي.

(مرآة المناجيح،477/6)

دعا آهي ته الله ڪريم اسان کي به سوچي سمجهي ڪري صحيح ۽ حقيقت جي مطابق محتاط انداز ۾ ڳالهه ڪرڻ وارو بڻائي، هُو اسان کي ڦلائي پکيڙڻ وارو بڻائي هر قسم جي فتني فساد جي ترويج ۽ اشاعت کان محفوظ فرمائي.

اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ



# مذهبي حُساسيت ۽ بي حسي

آخر صحيح ڇا آهي

مفتي مُحمد قاسم عطّاري مدني

كافرن سان محبت منع آهي ته پوءِ ڪتابيه يعني عيسائي يا يهودي عورتن سان نڪاح جي اجازت ڇو آهي؟

اها ڳالهه تسليم آهي ته قرآن مجيد ۾ اهل ڪتاب عورتن ڪان نڪاح چند شرطن سان جائز قرار ڏنو ويو آهي ۽ زال جي معاملي کي ته هڪ طرف رکو جو اها ته انسان پنهنجي اختيار ئي سان شادي ڪندو آهي، اسان ان ڪان به اڳتي جي ڳالهه بڌائي ڇڏيون ٿا ته ”ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ“ ته انسان جا اختياري ناهن هوندا جو انسان چاهي ته ڪنهن کي ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ بڻائي ۽ چاهي ته نه بڻائي. اهي ته جيڪي ٿيڻا هئا سُو ٿي ويا ۽ هتي به مٿي وارو سوال موجود آهي ته جيئن گهر واري سان انسان کي طبعي محبت هوندي آهي، ايئن ئي والدين، ڀيڻ ڀاءُ سان به محبت هوندي آهي ۽ اسان چئي رهيا آهيون ته هر قسم جي غير مسلم سان دوستي ممنوع آهي ته ٻنهي شين ۾ تطبيق ڪهڙي آهي؟

جواب اهو آهي ته اهل ڪتاب عورتن ڪان نڪاح جي اجازت ۽ ڪافر والدين ڪان رشتيداري ۽ تعلق جي باوجود ڪافرن ڪان محبت ۽ دوستي جي ممانعت آهي. هن حڪم کي سمجهڻ جي لاءِ ڪجهه آيتن ۾

ان جي مفهومن جو مطالعو فرمايو. ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

﴿يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَكُمْ هُزُوًا وَّ لَعِبًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَ الْكُفَّارَ اَوْلِيَآءَ ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ(۵۷)﴾

(پ 6، المآئدة: 57)

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ جن ماڻهن کي توهان کان اڳ ۾ ڪتاب ڏنا ويا انهن مان اهي ماڻهو جن توهان جي دين کي مذاق ۽ کيل بڻايو آهي، انهن کي ۽ ڪافرن کي پنهنجو دوست نہ بڻايو ۽ جيڪڏهن ايمان رکو ٿا تہ الله کان ڏڄندا رهو.

هن آيت ۾ الله پاڪ جي آيتن کي مذاق ۽ تماشو بڻائڻ واري هر ڪافر کان دوستي ممنوع قرار ڏنو ويو آهي. هاڻي اڳئين آيت ٻڌو جنهن ۾ خاص رشتيدارن جي صراحت سان انهن کي دوست بڻائڻ کان منع ڪيو ويو، جيئن فرمايو:

﴿يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْۤا اٰبَآءَكُمْ وَ اِخْوَانَكُمْ اَوْلِيَآءَ اِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ عَلَى الْاِيْمَانِ ؕ وَ مَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ(۲۳)﴾

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي ڀائرن کي دوست نہ سمجهو جيڪڏهن اهي ايمان جي مقابلي ۾ ڪفر کي پسند ڪن ۽ توهان مان جيڪو بہ انهن سان دوستي ڪندو تہ اهي ئي ظالم آهن.

(پ 10، التوبة:23)

ٽئين آيت ٻڌو جنهن ۾ فرمايو تہ مومن اهڙا هوندا ئي نہ جو الله ۽ رسول جي دشمنن کان دوستي ڪن، جيئن تہ فرمايو ويو:

﴿لَا تَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ لَوْ كَانُوْۤا اٰبَآءَهُمْ اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِيْرَتَهُمْ ؕ﴾ ترجموڪنزالعرفان: تون اهڙن ماڻهن کي نہ ڏسندين جيڪي الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکندا هجن جو اهي انهن ماڻهن سان دوستي ڪن جن الله ۽ ان جي رسول سان مخالفت ڪئي پوءِ ڀلي اهي انهن جا پيءُ يا انهن جا پٽ يا انهن جا ڀائر يا انهن جي خاندان وارا هجن. (پ 28، المجادلة:22)

هنن آيتن مان واضح ٿي ويو تہ ڪافرن کان دوستي ۽ محبت جو رشتو شريعت سختي کان منع ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي رهي اها ڳالھ تہ ڪتابيہ غيرمسلم زال ٿيندي، تہ اُن کان محبت بہ ٿيندي يا ڪنهن غير مسلم خاندان مان ڪو سعادت مند شخص اسلام قبول ڪري ۽ ان جا والدين يا ڀيڻ ڀاءُ غير مسلم ئي رهن تہ بهرحال انهن کان فطري طبعي رشتي جي ڪري محبت ضرور ٿيندي. ڪجھ ماڻهن کي هتي حيرانگي ٿيندي آهي تہ انهن ٻنهي کي گڏ ڪيئن ٿو هلائي سگهجي. هن جو جواب اهو آهي تہ انسان کي پنهنجي والدين، اولاد ۽ پنهنجي گهر واري کان جيڪا محبت هوندي آهي اها طبعي، غير اختياري هوندي آهي، يعني اها

محبت پاڻهي جي اختيار ۾ ناهي، تنهنڪري اها ممانعت ۾ داخل به ناهي جو الله پاڪ انهي ڪم جو حڪم ڏيندو آهي، جيڪو انسان جي اختيار ۾ هجي، جيئن قرآن پاڪ ۾ فرمايو: ﴿لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ﴾

ترجمو: الله ڪنهن جان تي اُن جي طاقت جي برابر ئي بوجهه رکندو آهي. (پ3، البقرة: 286) هاڻي هتي به ڳالهيون آهن، هڪ ته هي آهي ته غير مسلم والدين ڪان طبعي محبت جي باوجود اهو ڪٿي لازم اچي ٿو ته دنيا جي سيني غير مسلمن سان دوستي، ياري، سڀ جائز ٿيندي. جيڪڏهن اجازت ٻڌجي به ها ته صرف انهن رشتن ۾ ٻڌجندي جيڪي غير اختياري آهن، نه وري اختياري تعلقات ۾ دوستين جي اجازت هوندي. ٻي ڳالهه اها آهي ته پاڻ غير مسلم زال، ماءُ پيءُ وغيره ڪان طبعي غير اختياري رخصت جي باوجود شريعت جو حڪم اهو آهي ته انهن رشتن ۾ به اهو تصور رکو ته اهي ماڻهو اسلام جا تارڪ آهن، الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول کي ڪوڙو چون ٿا، ان جو انڪار ڪندا ۽ ان جا مخالف ۽ دشمن آهن ۽ ان جي ڪري الله تعاليٰ، ان جا ملائڪ ۽ نبي صلّى الله عليه واله وسلّم انهن ڪافرن جا دشمن آهن. انهن حقيقتن کي تصور ڪري اهو ذهن رکو ته انهن رشتيدارن ڪان دوستي ڪرڻ به حرام آهي ۽ جيستائين انهن سان طبعي محبت آهي، ان کي به ممڪن طور تي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو، ايستائين جو ٿي سگهي ته ان طبعي محبت کي به ختم ڪيو، ڇوته طبعي محبت جو اچڻ ته اختيار ۾ ناهي، پر ختم ڪرڻ ته پنهنجي اختيار ۾ آهي، ته ڄاڻي واڻي اهڙي طبعي محبت کي به پنهنجي دل ۾ رهڻ ڏيڻ، اختيارِ موالات آهي ۽ هي قطعي طور حرام آهي. (خلاصه از فتاوىٰ رضويه، 465/14)

**ڇا غيرمسلمن جي قومي ۽ مذهبي تهوارن ۾ مسلمانن جي شرڪت ڪرڻ سان اسلام خطري ۾ پئجي ويندو آهي؟**

اسلام خالص طور حق جو دين آهي ۽ ڪفر باطل آهي، جڏهن حق سان باطل جي ملاوٽ ٿيندي ته ڇا حق کي ڪنهن قسم جو ڪو خطرو لاحق نه ٿيندو؟ هاڻي جيڪڏهن اسلامي ملڪ جي تعليمي ادارن ۾ غيرمسلمن جا قومي ۽ مذهبي تهوار زور ۽ شور سان ملهايا ويندا ۽ مسلمان شاگرد ۽ شاگردياڻيون دليري سان شرڪت ڪندا ته اهو اسلام جي غير مسلمن ڪان تعلقات جي بنيادي حڪم جي خلاف آهي ۽ اسلام جي حڪم جي مطابق ڪفر ۽ ڪافر ڪان جهڙي طرح ناپسنديدگي ۽ دوري مسلمان جي سوچ ۾ هجڻ گهرجي. اها هرگز باقي نه رهندي ۽ مسلمان جي ايمان جي لاءِ خطرو آهي ان خطري جي واقع ٿيڻ تي واضح دليل اهو آهي

تہ جيڪي مسلمان غير مسلمن سان اهڙي قسم جا تعلقات رکندا آهن، آهستہ آهستہ انهن جي دلين مان اسلامي شعائر جي عظمت، اسلامي احڪام جي وُقعت ۽ ڪفر ۽ ڪفر جي علامتن کان نفرت ختم ٿي ويندي آهي. جيئن مشاهدو آهي.

هڪ مسلمان تي لازم آهي تہ هُو دين اسلام کي سچي دل سان اپنائي. صرف ڪلمو ۽ ڪجھ اعمال تي اڪتفاء ڪرڻ ۽ ڪفر ۽ شرڪ جي خلاف دل ۾ احساس جو مري وڃڻ مسلمان جو طريقو ناهي. فرمانِ باري تعاليٰ نهايت واضح آهي، فرمايو: اي ايمان وارؤ! اسلام ۾ پورا پورا داخل ٿي وڃو ۽ شيطان جي قدمن تي نہ هلو بيشڪ اهو توهان جو کليو دشمن آهي. (پ2، البقرة: 208)

تنهنڪري اسلام کان محبت ۽ ڪفر کان سخت ترين ناپسنديدگي، اسلام جي مرڪزي احڪام مان آهي بلڪ اسلام ۽ ڪفر جي وچ ۾ فاصلي جي حد جهڙي حيثيت رکي ٿي، انکري اُن کي ايئن نتو چڏي سگھجي بلڪ غيرن جا تهوار ملهائڻ وارن جي لاءِ نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حديث نهايت عبرت انگيز آهي: جيڪو ڪنهن قوم کان مشابهت اختيار ڪري، تہ هُو ان مان آهي. (ابو داؤد، 62/4، حديث:4031) ۽ ڪنهن ڪافر قوم جي ديني شعار، علامت، تهوار کي اپنائڻ، ملهائڻ جي متعلق فقهاءِ ڪرام فرمايو آهي تہ جيڪو شخص ڪافرن جي فعل کي چڱو سمجهي. تہ ڇڻ ان ڪفر ڪيو.

(غمز عيون البصائر فی شرح الأشباه والنظائر،88/2 )

**ڪجھ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اسلام الله جو دين آهي، ان جي حفاظت خُود خدا جي ذمي آهي، اسان کي اُن جي فڪر ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟**

جواب هي آهي تہ بيشڪ اسلام الله جو دين آهي پر ڇا هن جو مطلب هي آهي تہ هاڻي امتِ مسلمہ پنهنجي فريضي کان بري الذمہ ٿي وڃي؟ ڇا "اسلام کي پکيڙڻ، ڪفر و شرڪ کان روڪڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ، برائي کان منع ڪرڻ کي ڇڏي ڏي"؟ ٿورو اِهو ٻڌايو تہ بيشڪ دين اسلام جي حفاظت جو ذمو الله ئي کنيو آهي، تہ پوءِ ان ڪم و بيش هڪ لک چوويهہ هزار انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو موڪليا؟ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي فرعون کان مقابلي لاءِ ڇو موڪليو؟ حضُور پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ڪافرن کان مقابلي جو حڪم ڇو ڏنو؟ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْهُم ۽ اولياء عظام پنهنجي ٻار ٻچن کي ڇڏي ڪري پنهنجي گھرن کان دور رهي ڪري اشاعت ۽ اسلام جي حفاظت خاطر سفر ڇو ڪيو؟

بلڪ اُن کان اڳتي ٻڌو تہ جڏهن دين الله جو آهي ۽ اُن جي حفاظت جو ذمو الله

ئي تي آهي. تہ ٿورو اهو بہ ٻڌايو تہ ڇا رزق جو ذمو اللہ ئي تي ناهي.؟ پاڻ اللہ پاڪ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي:

﴿وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِي الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزۡقُهَا﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ زمين تي هلندڙ ڪو ساهہ وارو اهڙو ناهي جنهن جو رزق اللہ جي ذمي ڪرم تي نہ هجي. (پ 12، هود: 6)

تہ ڇا ڪو هن آيت کي پڙهي ڪري پنهنجي گهر ويهي روزي جو انتظار ڪندو آهي يا ٻاهر نڪري ڪري رزق جي تلاش ڪندو آهي؟ جيڪڏهن ٻاهر وڃي محنت مزدوري ڪري رزق حاصل ڪري ٿو، تہ اُن کان اهو سوال آهي تہ ڇا اوهان کي ربّ تي ڀروسو ناهي، جڏهن تہ ان پاڻ قرآن ۾ رزق جو ذمو ڪنيو آهي، تہ ٻاهر نڪري ڪري ايتري محنت و مشقت ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت پيش آئي؟ دراصل معاملو اهو آهي تہ ماڻهن دين کي نهايت هلڪو سمجهي ورتو آهي، پنهنجي ذات جي معاملي ۾ تہ گهڻو حَسّاس هوندا آهن، پر دين جي فڪر ناهي. انهيءَ ڪري جڏهن دين جي ڳالهہ ايندي آهي، تہ چوندا آهن ڀاءَ! دين تہ اللہ جو آهي اللہ پاڪ پاڻ ئي ان جي حفاظت ڪندو. دراصل هي پنهنجي نصيب جي ڳالهہ آهي، واقعي اللہ پاڪ جنهن کي چاهيندو آهي، انهي کان دين جي خدمت وٺندو آهي.

Dreams

# خوابن جي تعبير

مولانا اسد مدنی عطّاری

**خواب:** مون پنهنجي پيرو مرشد مولانا الياس قادري صاحب دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي ڏٺو تہ ڪنهن کيس فجر جي نماز جي لاءِ اٿاريو آهي، ۽ هو اٿي يڪدم هلڻ لڳن ٿا. مون سمجهيو تہ جڏهن انسان ننڊ مان جاڳي تہ سُستي دور ڪرڻ جي لاءِ ٿورو هلڻ گهرجي؟

**تعبير:** الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن کي خواب ۾ ڏسڻ باعثِ برڪت آهي ۽ انهن سان محبت جي علامت آهي.

**خواب:** مون کي اڪثر خواب ايندو آهي تہ ڪو انسان منهنجي پٺيان اچي رهيو آهي پر ويجهو نٿو اچي سگهي.؟

**جواب:** منجهيل خواب جو تعبير بيان نٿو ڪري سگهجي البتہ جيڪڏهن اوهان خوف محسوس ڪريو ٿا تہ سمهڻ کان پهريان سورت فلق، سورت الناس ۽ آيت الڪرسي پڙهي وٺو.

**خواب:** خواب ۾ ڪنهن ٻئي وٽ ٻن ٻارن جي پيدائش ڏسڻ ڪيئن

**تعبير:** جنهن جي لاءِ خواب ڏٺو ويو ان جي حق ۾ چڱو آهي.

**خواب:** مون کي خواب ۾ نانگ نظر اچن ٿا: **تعبير:** نانگ ڏسڻ بُري ماڻهو جي نشاني آهي ۽ نانگ جو ڏنگڻ دشمن جي طرفان نقصان پهچڻ آهي. جيڪڏهن اوهان کي اڪثر هن نموني جا خواب نظر اچن ٿا تہ سمهڻ کان اڳ ۾ 21 ڀيرا يَامُتَكَبِّرُ پڙهندا ڪيو ۽ پنهنجي حفاظت جي لاءِ تعويذات عطاريہ کان تعويذ بہ حاصل فرمايو. ياد رهي تہ الله جي راهہ ۾ صدقو ڪرڻ دشمن کان حفاظت جي لاءِ فائديمند آهي.

**خواب:** مون ڏٺو تہ مان پنهنجي وڏي ڀيڻ جي گهر ۾ آهيان، منهنجي ٻئي ڀاءَ کي پوليس ڪٽي وجي ٿي، منهنجو مرحوم والد ۽ والده پوليس کي ڪٽي وجڻ کان روڪين ٿا. والده جي پير تي گاڏي چڙهي وڃي ٿي جنهن سبب ڪافي رت نڪري ٿو ۽ والد صاحب ان رت کي بند ڪن ٿا، ان کان پوءِ منهنجي اک کُلي وڃي ٿي.

**تعبير:** الله پاڪ اوهان جي ۽ اوهان جي گهر وارن جي حفاظت فرمائي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن پريشان يا پريشان ڪندڙ خيالن جي ڪري يا اهڙي قسم جون خبرون ڏسڻ جي ڪري به اهڙي قسم جا خواب نظر ايندا آهن، گهبرايو نہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عافيت جي دعا گهرو، البتہ ڪنهن بہ اهڙي معاملي ڪان پري رهو جيڪو ڪنهن جهيڳڙي يا قانون جي خلاف ورزي جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

**خواب:** مون هڪ خواب ڏٺو تہ مان مديني شريف ۾ آهيان، سائو گنبذ ڏسي ڪري نعت پڙهي رهي آهيان ۽ گنبذ جي پرسان وڃي رهي آهيان هن مبارڪ خواب جي تعبير ٻڌايو.

**تعبير:** اهو تمام سٺو خواب آهي.

اِنْ شَآءَاللہ الکریم اوهان کي حقيقت ۾ بہ حاضري نصيب ٿيندي البت مديني وڃڻ جي اسبابن جي لاءِ ڪوشش ۽ سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم !جي بارگاهہ ۾ استغاثو ڪنديون رهو.

**خواب:** مون مرحوم ڏاڏي کي مسجد ۾ جمعي جي نماز پڙهندي ڏٺو آهي ۽ ملاقات بہ ٿي آهي؟

**جواب:** خواب سٺو آهي، مُئل کي عبادت ڪندي ڏسڻ چڱو آهي. الله پاڪ جي رحمت تي اميد رکو تہ هُو عافيت سان هوندو البتہ ان جي لاءِ دعا ۽ ايصال ثواب ڪندا رهو.

**خواب:** مون خواب ۾ ڏٺو آهي تہ هڪ عورت منهنجي والده کي چئي ٿي تہ اها مون کي صحيح ڪري ڇڏيندي، ۽ چئي ٿي تہ ان جي بيماري ڪنهن ٻي کي لڳي ويندي. مان چوانس ٿي تہ اها وري ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ منهنجي بيماري ڪنهن ٻي کي ڇو لڳي؟ مونکي علاج ئي ناهي ڪرائڻو ايتري ۾ منهنجي اک کُلي وڃي ٿي.

**تعبير:** ياد رهي ڪنهن جي بيماري متعدي ناهي ٿيندي يعني اڏامي ڪري ناهي لڳندي. پڻ هي خواب منجهيل آهي. تنهنڪري ان جي وجهہ سان پريشان نہ ٿيو جيڪڏهن واقعي بيمار آهيو تہ ان جو علاج ضرور ڪرايو پر ان خواب کي بنياد بڻائي ڪري بيمار هجڻ جو خوف هرگز نہ رکو. ڪڏهن ڪڏهن مسلمان کي شيطان خواب جي ذريعي پريشان ڪندو آهي جنهن جي ڪا حقيقت ناهي هوندي. تنهنڪري هن خواب جي طرف توجهہ نہ ڪيو، اٿندي ويهندي هلندي ڦرندي يَا سَلَامُ جو ورد ڪنديون رهو.

# اچو ٻارو! حديثِ رسول ٻڌون ٿا

# مسلمانن جي عيد

اسان جي پياري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

مَنْ تَوَضَّأَ فَأَحْسَنَ الْوُضُوْءَ، ثُمَّ أَتَى الْجُمُعَةَ، فَاسْتَمَعَ وَأَنْصَتَ، غُفِرَ لَهُ مَا بَيْنَهُ وَبَيْنَ الْجُمُعَةِ

جنهن چڱيءَ طرح وضو ڪيو، پوءِ جمعي جي نماز پڙهڻ آيو ۽ خاموشيءَ سان خطبو ٻڌو ته ان شخص جا هن جمعي کان وٺي ايندڙ جمعي تائين جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (مسلم،ص332،حديث:1988)

عربيءَ زبان ۾ هن ڏينهن(يعني جمعي) جو نالو عَرُوبہ هو بعد ۾ جمعو رکيو ويو، جمعي کي جمعو ان ڪري چوندا آهن جو هن ڏينهن نماز جي لاءِ جماعتن جو اجتماع ٿيندو آهي(يعني ڪيئي ماڻهو جمعي جي نماز جي لاءِ گڏ ٿيندا آهن).(صراط الجنان،152/10 ملتقطاً)

اسلام ۾ جمعي جي ڏينهن کي وڏي اهميت حاصل آهي، جمعي جو ڏينهن مسڪينن جو حج آهي، ڏينهَن جو سردار آهي، هي بخشش جو ڏينهن آهي جو هن ڏينهن کوڙ ماڻهن جي بخشش ڪئي ويندي آهي، هن ڏينهن نيڪين جو ثواب وڌايو ويندو آهي، هن ڏينهن ڪيئي ملائڪ زمين تي تشريف ڪٽي ايندا آهن، هن ڏينهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جا درود ملائڪن جي واسطي جي بغير پنهنجي ڪنن سان ٻڌندا آهن، قرآن پاڪ ۾ هڪ پوري سورت ئي ”جمعہ“ جي نالي سان آهي ۽ هن ڏينهن کي مسلمانن جي عيد بہ چيو ويو آهي.

پيارا ٻارو! اوهان کي بہ گهرجي تہ جمعي جي ڏينهن غسل ڪري، صاف ڪپڙا پائي، جيڪڏهن ممڪن هجي تہ خوشبو لڳائي پنهنجي پيءُ، ڀاءُ يا خاندان جي ڪنهن بزرگ سان گڏ مسجد ۾ وڃو، توجهہ سان امام صاحب جو بيان ٻڌون ۽ جمعي جي نماز ادا ڪريون.

الله پاڪ اسان کي جمعي جي اهميت کي سمجهڻ ۽ هن ڏينهن ۾ خوب نيڪ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# رسول الله ﷺ جون غذائون ڏاڙهون

ڏاڙهون انهن ميون مان هڪ آهي جنهن کي الله پاڪ جي پياري رسول ﷺ جي دسترخوان تي خدمت حاصل ڪرڻ جو شرف مليو آهي.

ڏاڙهون پراڻو ميوو آهي، ان جو وڻ ميون سان گڏ خوبصورت رنگين گلن سان به سينگاريل هوندو آهي. سڄي دنيا ۾ ڏاڙهون جا ٻارهن کان وڌيڪ قسم موجود آهن، ۽ پاڪستاني ڏاڙهون دنيا ۾ هڪ خاص سڃاڻپ رکي ٿو.

(طبِ نبوی اور جدید سائنس، 15/2، 16ملخصاً)

### ڏاڙهونءَ جو ذائقو ۽ مزاج

ڏاڙهونءَ جو ذائقو ٽن قسمن جو هوندو آهي: (1) کٽو (2) منو (3) کٽو به منو به.

مني ڏاڙهونءَ جو مزاج ٿڌو ۽ آلاڻ سان پريل جڏهن ته کٽي انار جو مزاج ٿڌو خشڪ آهي ۽ وري کٽي مني ڏاڙهون جو مزاج وچٿرو آهي. (خزائن الادويہ،549/1تا 554ملتقطاً)

ڏاڙهون اهو خوش نصيب ميوو آهي جو الله ڪريم پنهنجي پاڪيزه ڪلام ۾ ٽي ڀيرا ان جو ذڪر ڪيو آهي. جيئن ته ارشاد فرمايو:

### پهرين آيت ۽ نڪات

(وَجَنّٰتٍ مِّنْ اَعْنَابٍ وَّالزَّیْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ انگور جا باغ ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون(ڪيندا آهيون) (پ7،الانعام:99) هن آيت ڪريمہ ۾ الله پاڪ سيني کان آخر ۾ ڏاڙهونءَ جو ذڪر فرمايو، ان جو سبب هي آهي ته ٻيا ميوا صرف غذا جو ڪم ڏيندا آهن، جڏهن ته ڏاڙهون غذا سان گڏوگڏ دوا به آهي انهيءَ ڪري سيني کان آخر ۾ ان جو ذڪر فرمايو ويو. (تفسيرِ خازن، الانعام، تحت الآية: 99، 41/2)

### ٻئي آيت ۽ نڪات

(وَهُوَ الَّذِیْۤ اَنْشَاَ جَنّٰتٍ مَّعْرُوْشٰتٍ وَّغَیْرَ مَعْرُوْشٰتٍ وَّالنَّخْلَ وَالزَّرْعَ مُخْتَلِفًا اُكُلُهٗ وَالزَّیْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَّغَیْرَ مُتَشَابِهٍؕ) ترجموڪنزالعرفان: ۽ اهوئي آهي جنهن ڪجهه باغ زمين ۾ پکڙيل ۽ ڪجهه اڻ پکڙيل (ٽڙن وارا) ۽ کجور ۽ پوک کي پيدا ڪيو جن جا ڪاڌا

مختلف آهن ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون(کي پيدا کيو، هي سڀ) ڪنهن ڳالهه ۾ هڪبئي سان ملندڙ جلندڙ آهن ته ڪنهن ۾ ملندڙ ناهن۔ (پ 8، الانعام:141)

آيت مبارڪ ۾ ”مُتَشَابِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ“ مان مراد ڇا آهي ان جي ڪيترن ئي سببن مان هڪ سبب هيءُ به آهي ته زيتون ۽ ڏاڙهونءَ جي وڻ جي پنن جي شڪل هڪ جهڙي هوندي آهي، جڏهن ته انهن ميون جي صورت ۽ ذائقا مختلف هوندا آهن. (تفسيرِ خازن، الانعام، تحت الآية: 141، 61/2)

## ٽئين آيت

فِيْهِمَا فَاكِهَةٌ وَّ نَخْلٌ وَّ رُمَّانٌ ﴿۶۸﴾

ترجموڪنزالعرفان: ان ۾ ميوا ۽ کجورون ۽ ڏاڙهون آهن. (پ27، الرحمٰن:68)

## ڏاڙهونءَ جي متعلق ٽي حديثون

احاديث مبارڪ ۾ به ڏاڙهونءَ جو ذڪر ملي ٿو، انهن مان 3 حديثون پڙهو ۽ ڏاڙهون جي طرف رغبت وڌايو:

(1) حضرت جعفر بن محمد پنهنجي والد سان بيان ڪن ٿا ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيمار ٿيا ته حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ هڪ پليٽ کڻي حاضر ٿيا جنهن ۾ ڏاڙهون ۽ انگور رکيل هئا، ته رسول ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان مان تناول فرمايو. (شرح زرقاني على المواهب، 500/6)

(2) حضرت عمر بن خطاب رَضِيَ اللّٰه عَنْه جو بيان آهي ته يهودين مان ڪجهه ماڻهو رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا ۽ چوڻ لڳا: اي محمد! ڇا جنت ۾ ميوا هوندا؟ ته فرمايائون: ها، ان ۾ ميوا، کجورون ۽ ڏاڙهون هوندا. پوءِ انهن عرض ڪيو: ڇا جنتي اتي انهيءَ طرح کائيندا جهڙي طرح دنيا وارا، دنيا ۾ کائيندا آهن؟ پاڻ فرمايائون: ها بلڪ ان کان به ٻيڻو. (در منثور، پ27، الرحمٰن، تحت الآية:68، 716/7)

(3) حضرت ابو سعيد خدري رَضِيَ اللّٰه عَنْه چون ٿا ته حضور اڪرم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون جنت جو نظارو ڪيو ان جا ڏاڙهون ان اُٺ جي مثل هئا جنهن تي پالاڻ ٻڌل هجي. (در منثور، پ27، الرحمٰن، تحت الآية:68، 717/7)

## ڏاڙهون جي متعلق بزرگن جا اقوال

ڏاڙهون جوته هڪ معروف ميوو آهي ۽ عرب و عجم ۾ مشهور آهي ان جي متعلق ڪيئي بُزرگن جا واقعا و اقوال ملن ٿا: ڪجهه ملاحظه فرمايو:

(1) مسلمانن جا چوٿان خليفه، حضرت مولاءِ ڪائنات علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰه عَنْه فرمائن ٿا: ڏاڙهون جا داڻا ان جي کلن سميت کائو جوته ان سان معدي جي صفائي ٿيندي آهي. (مسند احمد، 273/38، حديث:23237)

(2)حضرت عبداللّٰه بن عباس رَضِيَ اللّٰه عَنْهُمَا ڏاڙهون جا سيئي داڻا کائيندا هئا، ڪنهن ان جو سبب پڇيو ته فرمايائون: مون کي خبر ملي آهي ته زمين ۾ ڪوبه ڏاڙهونءَ جو اهڙو

وڻ ناهي جنهن کي ميويدار ڪرڻ جي لاءِ ان ۾ جنتي ڏاڙهونءَ مان داڻو نہ وڌو ويو هجي ٿي سگهي ٿو تہ هي اهو ئي داڻو هجي. (حلية الاولياء، 398/1، رقم:1139) (3) امام محمد بن سيرين فرمايو: ميون جي درميان ڏاڙهون کي اها اهميت حاصل آهي جيئن ملائڪن ۾ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام کي حاصل آهي. ((حلية الاولياء، 311/2، رقم:2360) )

## ڏاڙهون جا فائدا

ڏاڙهون جو پاڻي نهايت نرم ۽ لذيذ شربت آهي جيڪو انساني طبيعتن جي لحاظ کان معتدل ٿيندو آهي ۽ ڪمزور کي طاقت بخشيندو آهي. (تفسيرِ ڪبير، الانعام، تحت الآية:99، 86/5) ڏاڙهون بلڊ پريشر کي ڪنٽرول ڪندو آهي. يادداشت کي مضبوط ڪندو آهي. هڏين کي طاقت ڏيندو آهي. هاضمي جي نظام کي بهتر بڻائيندو آهي. قوت مدافعت کي وڌائيندو آهي. وارن کي ڪِرڻ کان روڪيندو آهي، ۽ وارن جي نشونماء ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏوگڏ خوبصورتي ۾ بہ اضافو ڪندو آهي. اکين جي روشني کي تيز ڪندو آهي. ان جي رس اُڃ ختم ڪندي آهي. رت جي گهٽتائي کي پورو ڪندو آهي. ايڪيھ ڏينهن تائين لاڳيتو استعمال ڪرڻ سان چهري جي زردي زائل ٿي ويندي آهي. ڏاڙهون جا اجزاء جسم ۾ تمام جلد ملي ويندا آهن ۽ جسم جي تمام عضون کي طاقت ڏيندا آهن (مرہم، هيلٿھ وائز ويب سائٽ) شيخ طريقت امير اهل سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب ”گهريلو علاج“ ۾ ڏاڙهون جا فائدا بيان ڪندي فرمائن ٿا: ڏاڙهونءَ جي سُڪل گل سنهي پيهي ڪري صبح شام تقريبا 6 گرام تازي پاڻي سان ڪائي ڇڏڻ سان خوني بواسير صحيح ٿي ويندي. ڏاڙهون جي ڪل چوسڻ ڪنگهہ جي لاءِ فائديمند آهي. ڏاڙهون جا گل اُس ۾ سُڪائي ڪري چڱي طرح سنها پيهي بوتل ۾ وجهي ڇڏيو ۽ صبح و شام منجن طور ڏندن تي مَليو، رت بند ٿي ويندي ۽ ان سان ڏند بہ مضبوط ٿي ويندا. چڱي طرح پڪل ڏاڙهون جا داڻا لوڻ ۽ ڪارا مرچ ڇڙڪي ڪري خوب چباڙي ڪائڻ سان پيٽ جو سُور ختم ٿي ويندو. (گهريلو علاج، ص54، 58، 68، 90 ملتقطاً)

جاويد عطّاري مدني

# ماءُ پيءُ جي ناءُ



**ماءُ جي هنج/ ماءُ جي هنج ۾ قرآن جي تلاوت/ اولاد جي تربيت ۾ والدين جو ڪردار**

**نظرِ ثاني**: نواز **تسهيل**: عمران

گهرواري 6 مهينن جو ننڍڙو جوّاد مون کي ڏنو ۽ پاڻ رڌ پچاءُ جي ڪمن ۾ مصروف ٿي وئي. مان ليپ ٽاپ تي ڪجهه لکڻ ۾ مصروف هيس، بهرحال مون محمد جوّاد کي هنج ۾ سمهاري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهيس. انهيءَ دوران مون کي پنهنجو ننڍپڻ ياد اچي ويو. منهنجي عُمر شايد چار يا پنج سال هئي. والده مرحومه ڪڏهن ڪڏهن مون کي هَنج ۾ ڪٽي ڪري قرآنِ پاڪ پڙهندي هئي. ماءُ جي هنج جو عجيب احساس (Feeling) مون کي اڄان تائين ياد آهي. اهي بهترين لمحات هڪ خوب صورت ياد بڻجي ڪري منهنجي ذهن ۾ محفوظ ٿي ويا ۽ هاڻي ماءُ جي پياري هنج ۾ مٿو رکي ڪري تلاوتِ قرآن جي اها مناس حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو پر نه ٿو ڪري سگهان. ڇو جو هاڻي منهنجي ماءُ دنيا ۾ ناهي (اي الله پاڪ منهنجي ماءُ جي بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمين)

محترم والدين! هن واقعي کي سامهون رکي ڪري ڪجهه ڳالهيون پيش ڪيون پيون وڃن توجهه فرمائيندا:

(1) پنهنجي ٻارن سان هاڻي جا اندازَ ۽ رَويا سڄي زندگي انهن کي ياد رهي سگهن ٿا.

(2) پنهنجي ٻارن جي درست اسلامي تعليمات جي لاءِ هميشه ڪوشش ڪندا رهو. انهن جي تربيت جي لاءِ سُنا سُنا طريقا اپنايو.

(3) اوهان جا ننڍپڻ ۾ اولاد سان ڪيل سُنا رَوَيا انهن کي مستقبل ۾ ترقي جي راهن تي آڻي سگهن ٿا (اصل ترقي دين اسلام جي سهڻن اصولن کي سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪري ربَّ کي راضي ڪرڻ ۾ ئي آهي)

(4) ٻارن جي سامهون جهيڙن جهڳڙن وارين ڳالهين کان بچندا ڪريو.

(5) ٻار وٽ يا ڪڏهن هنج ۾ ڪٽي ڪري

قرآنِ پاڪ، ديني ڪتاب يا درودِ پاڪ وغيره پڙهو. (الحمد لله تحرير لکڻ وارو بہ پنهنجي ٻار کي هنج ۾ کڻي ڪري تلاوتِ قرآن ۽ ذڪر و اذڪار ڪندو آهي، جنهن کي ٻڌي ڪري هو مُسڪرائيندو آهي، سمجهندو آهي تہ مون سان ڳالهائي رهيا آهن هيئن قرآنِ پاڪ جي لفظن جي روحانيت سان گڏو گڏ ٻار جي مُسڪراهٽ کان بہ لطف ماڻي رهيو هوندو آهيان)

(6) نئين ڄاول ٻار وٽ الله الله جون صدائون بُلند ڪيو تہ جيئن اوهان جو ٻار جڏهن زبان کولي تہ سڀ کان پهريون لفظ الله چَوي.

(7) ٻار کي سمهارڻ وقت ۽ ماءُ کير پياريندي ذڪرُ الله ۽ درود شريف وغيره پڙهندي رهي. ان جو بہ ٻارَ تي سُٺو اثر پوندو. اِنَّ شآء الله

(8) والد کي گهرجي تہ نمازِ جمعہ جي لاءِ يا ڪنهن بيءَ نماز ۾ سمجهدار ٻار کي گڏ وٺي وڃي تہ جيئن هاڻي کان ان جو نماز ۽ مسجد وڃڻ جو ذهن ٺهجي.

الله پاڪ اوهان جي ٻارن کي اوهان جي اکين جي ٺڏاڻ بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ خاتم النّبِی الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

# جُمادَي الاُولٰي ڪيئن گذاريون؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي پنهنجي آخرت جي بهتري جي لاءِ سڄو سال ئي فرائض ۽ واجبات جي پابندي سان گڏوگڏ نفلي عبادتن جو به اهتمام ڪرڻ گهرجي چوته الله پاڪ پنهنجي نيڪي ٻانهن جي هر نيڪ عمل تي فضل و ڪرم جي ڇماڇم بارش وسائيندو آهي، خاص ڪري ڪجهه مهينن جي مخصوص ڏينهن ۽ انهن جي راتين ۾ سندس رحمت جو وهڪرو وڌي ويندو آهي. اُن جي رحمت حاصل ڪرڻ ۽ عبادت جو شوق وڌائڻ جي لاءِ انهن مهينن ۾ مخصوص عبادتن ۽ اوراد ۽ وظائف تي اجر ۽ ثواب جون بشارتون ڏنيون ويون آهن. جُمادي الاولیٰ جي مهيني ۾ به عبادت جو شوق وڌائڻ ۽ خوب خوب اجر ۽ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ بُزرگن جي معمولات انهن کان منقول عبادتون جيئن نوافل، قرآن جي تلاوت، درود شريف ۽ ڪجهه اوراد ۽ وظائف جي ڪثرت ڪئي وڃي، الله پاڪ کان دعا آهي اسان کي هن مبارڪ مهيني ۾ پنهنجي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ خوب خوب عبادتون ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.